12 FEBRUARY

# رمضان ۽ الله پاڪ جي محبت جو فيضان



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

12 فيبروري، 2026ع (بمطابق: 23 شعبان شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# رمضان ۾ اللّٰه پاڪ جي محبت جو فيضان

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- صحابيءِ رسول جو بي مثال روزو
- رحمتِ الٰهي ڊوڙندي ايندي آهي
- ايمان جي لذت حاصل ڪرڻ جو طريقو
- محبوبِ خدا جون نشانيون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان مان ڪو وضو ڪان فارغ ٿئي تہ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُه پڙهي، پوءِ مون تي درود پاڪ پڙهي، جڏهن هُو اِهو پڙهندو تہ ان جي لاءِ رحمت جا دروازا کوليا ويندا.[1]

| | |
|---|---|
| درد و اَلَم کے سر پہ ہوں بادل، درود پڑھ | مِل جائے گا سکوں دلِ بیکَل! درود پڑھ |
| ان کی ہی بارگاہِ مُنوَّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي).[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيانَ ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل

---

1... القول البديع، صفحہ:176۔

2... بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪرڻ ۾ بين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي عظيم الشان تقويٰ

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زندگيءَ جو آخري **رمضان مبارڪ** **1339** هجري ۾ ٿيو، هِي سخت گرميءَ جا ڏينهن هئا مٿان وري سندن عمر مبارڪ جا آخري ڏينهن...!! پاڻ سخت بيمار به هئا. اهڙي صورتحال ۾ شريعت جي طرفان رخصت ملي پئي سگهي، پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ان سلسلي ۾ پنهنجي متعلق ڪهڙي فتويٰ هئي، ٻڌو! پاڻ فرمايائون: بريلي شريف ۾ سخت گرميءَ جي ڪري منهنجي لاءِ روزو رکڻ ممڪن نہ آهي، پر جبل تي ٿڌ هوندي آهي، هتان کان **نيني تال** (*Nainital*، هندستان جو هڪ شهر) ويجهو آهي، ڀوالي جبل (***Bhawali Mountain***) تي روزو رکي سگهجي ٿو، مان اتي وڃڻ تي قادر آهيان، تنهنڪري مون لاءِ اتي وڃي روزو رکڻ فرض آهي. تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اهو **رمضان مبارڪ** اُتي جبل تي گذاريو ۽ سڀئي روزا رکيائون. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مرحبا...!! وَري رمضان اچڻ وارو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! **رمضان مبارڪ** تشريف ڪٽي اچي رهيو آهي. سُبْحٰنَ الله! ماهِ رحمٰن اچي رهيو آهي، ها! ها! خوش ٿي وڃو! ماهِ غفران اچي رهيو آهي...!!

مرحبا! صَد مرحبا! پھر آمدِ رمضان ہے | کِھل اُٹھے مرجھائے دِل تازہ ہوا ایمان ہے
یاخُدا! ہم عاصیوں پر یہ بڑا احسان ہے | زندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رمضان ہے (2)

---

1... اعلی حضرت اور تصوف، صفحہ: 64۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:705۔

بس ڪجهه ئي ڏينهن ڪان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ شيطان کي قيد ڪيو ويندو ۞ جنت جا دروازا کوليا ويندا ۞ نيڪ عملن جو قدر ۾ قيمت وڌائي ويندي، نفل جو ثواب فرض جي برابر ۾ فرض جو ثواب 70 پيرا وڌيڪ ڪيو ويندو ۞ بخشش جا پروانا ورهائجڻ شروع ٿي ويندا ۞ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! روزانو لکين گنهگارن جي بخشش ڪئي ويندي.

ابرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نُور نُور | فضلِ رَبّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے
ہر گھڑی رحمت بھری ہے، ہر طرف ہیں برکتیں | ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شمسي (عيسوي) مهينا بدلجڻ جي حڪمت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن سال **رمضان مبارڪ** جو مهينو سياري ۾ اچي رهيو آهي، ڏينهن ننڍا آهن، راتيون وڏيون آهن، اڳ ۾ گرمين ۾ ماهِ رمضان اچي رهيو هو، ڏينهن وڏا هئا، راتيون ننڍيون هيون، اڳ ۾ ڏکهن روزن جو مزو هو ۽ هن ڀيري راتين جي عبادت ۾ آساني ٿيندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

هتي هڪ وڏي ايمان افروز ڳالهه آهي، جيڪي شمسي مهينا (*Solar Months*) آهن (يعني جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل وغيره)، **رمضان مبارڪ** انهن 12 مهينن ۾ گهمندو رهندو آهي، هن سال ماهِ رمضان فيبروري ۽ مارچ ۾ اچي رهيو آهي، گذريل سال مارچ ۾ هو، ان ڪان پوئين سال مارچ ۽ اپريل ۾ هو، ڪجهه سال اڳ ۾ جون ۽ جولاءِ جا روزا هلي رهيا هئا، اهڙي طرح **رمضان مبارڪ** 12 ئي شمسي مهينن ۾ گهمندو رهندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! شيخ محي الدّين ابن عربي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ ماهِ

---

1... وسائلِ بخشش، صفحه:705.

رمضان ڪي سيني شمسي مهينن ۾ گهمائيندو آهي تہ جيئن هر شمسي مهيني کي **رمضان مبارڪ** جو فيض ملندو رهي، ائين سيئي شمسي مهينا فضيلت حاصل ڪندا رهندا آهن. (1)

تجھ پہ صدقے جاؤں رَمضاں! تُو عظیم الشّان ہے | تجھ میں نازِل حق تعالیٰ نے کیا قرآن ہے
ہر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں | ماہِ رَمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے (2)

## رمضان المبارڪ جون مختصر فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! **رمضان مبارڪ** تمام گهڻين فضيلتن ۽ عظمتن وارو مهينو آهي، حديث سڳورين ۾ ارشاد ٿيو آهي:

۞ ماهِ رمضان سَيِّدُالشُّهُور (سيني مهينن جو سردار) آهي (3) ۞ ان جي پهرين رات (*First Night*) آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن، ۽ آخري رات (*Last Night*) تائين بند نہ ٿيندا آهن ۞ جيڪو هن مهيني ۾ هڪ سجدو ڪندو آهي، ان جي لاءِ **1500** نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ جنت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو گهر ٺاهيو ويندو آهي ۞ جيڪو ماهِ رمضان جو پهريون روزو رکندو آهي، ان جا پويان گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن ۞ صبح کان شام تائين **70** هزار فرشتا ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندا رهندا آهن (4) ۞ هن مهيني ۾ نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب **70** ڀيرا وڌايو ويندو آهي.(5) ۞ **رمضان مبارڪ** جي پهرين رات الله پاڪ هِن امت تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائي، ان

---

1... الفتوحات المکیۃ، الباب التاسع و الستون، وصل فی فصول الجمعۃ...الخ، جلد:2، صفحہ:280 ملخصاً
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:705 ملتقطاً۔
3... مصنف عبد الرزاق، کِتَاب الصیام،باب فضل الصیام،جلد:4،صفحہ:238، حدیث:7924۔
4... شعب الایمان، باب فی الصیام، جلد : 3، صفحہ : 314، حدیث : 3635ملتقطًا۔
5... صحیح ابنِ خزیمہ، کتاب الصیام، باب فضائل شہر رَمَضَان ان صح الخبر،صفحہ: 438، حدیث :1887۔

ڪي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو.[1] ۞ هن مبارڪ مهيني ۾ بخشش جا پروانا ورهايا ويندا آهن، روزانو افطار جي وقت 10 لک گنهگارن جي بخشش ٿيندي آهي ۽ جڏهن هن مبارڪ مهيني ۾ جمعي (*Friday*) جو ڏينهن ٿيندو آهي پوءِ تہ ياڳ ئي ڪُلي پوندا آهن، حديث پاڪ جي مطابق **رمضان مبارڪ** ۾ جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي ڏينهن سج لهڻ کان جمعي جي ڏينهن سج لهڻ تائين) هر گهڙيءَ ۾ 10 لکن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي سيئي مغفرت حاصل ڪرڻ وارا اهي هوندا آهن جن تي جهنم واجب ٿي چڪو هوندو آهي.[2]

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام | جھوم جاؤ مجرمو! رَمضاں مہِ غفران ہے

## صحابيءِ رسول جو بي مثال روزو

هڪ صحابي ٿي گذريا آهن حضرت عبدالله بن مَخْرَمہَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ. وڏا جذبي وارا، ذوقِ عشق رکڻ وارا، محبتِ الهي ۾ گُم رهڻ وارا صحابي آهن، هڪ دفعي پاڻ دعا گهريائون: اي الله پاڪ! مون کي ايسيتائين موت نہ ڏجانءِ جيسيتائين تنهنجي راهہ ۾ منهنجو هر هڪ عضوو(*Part of body*) تڪليف برداشت نہ ڪري وٺي.

اللہُ اکبر! ذوق ڏسو! ڪهڙو آهي؟ اسان ماڻهو تڪليفن کان پري ڀڄندا آهيون، صحابيءِ رسول چاهي رهيا آهن تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اهڙي طرح حاضري ٿئي جو منهنجو هڪ هڪ عضوو ان جي راهہ ۾ تڪليف برداشت ڪري چڪو هجي.

سندن اِها دعا جنگ يمامہ (*Battle of Yamama*) جي وقت پوري ٿي. حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جنگ يمامہ جي ڏينهن (جڏهن

---

1... شُعَبُ الْاِیْمَان، باب فی الصیام، جلد : 3، صفحہ : 303، حدیث : 3603۔

2... مسند الفردوس،جلد:3، صفحہ:320،حدیث:4960۔

جنگ ختم ٿي وئي تہ مان ميدانِ جنگ ۾ پهتس)، ان وقت حضرت عبدالله بن مَخۡرَمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو سمورو جسم زخمي هو. پاڻ مون کي ڏسندي ئي فرمايائون: اي عبدالله! ڇا افطار جو وقت ٿي ويو آهي؟ مون وراڻيو: ها، ٿي ويو آهي. پوءِ فرمايائون: هيءَ ڍال وٺ، هن ۾ پاڻي وجهہ (تہ جيئن مان روزو افطار ڪريان)، فرمائن ٿا: مان جلدي ۾ پاڻي کڻڻ ويس، واپس آيس تہ حضرت عبدالله بن مَخۡرَمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ (بغير افطار ڪرڻ جي، روزي جي حالت ۾ ئي) دنيا کان رخصت ٿي چڪا هئا. (1)

اللّٰہُ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! محبتِ الٰهي جو ڪمال تہ ڏسو! عبادت جو شوق تہ ڏسو! حالتِ جنگ ۾ آهن، دشمنن سان مقابلو ڪري رهيا آهن، سڄو جسم زخمن سان چور چور آهي، اهڙي حالت ۾ بہ صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ روزي سان آهن. هڪ ٻي جذبي جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جنگِ يمامہ **رمضان مبارڪ** ۾ نہ ٿي هئي، يعني حضرت عبدالله بن مَخۡرَمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرض نہ پر نفل روزو رکيل هئا.

سُبۡحٰنَ اللہ! ان کي چئبو آهي الله پاڪ جي محبت جو فيضان ...!!

## ايمان وارن جي الله پاڪ سان محبت

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ (پارو:2، سورة البقرة:165) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ايمان وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن |

هي انهيءَ ئي شديد محبتِ الهي جو اظهار آهي جو صحابيءِ رسول جنگ جي حالت ۾ آهن، مشڪلاتن جي گهيري ۾ آهن، سندن جسم پاڪ جو هر هڪ عضو خدا جي راهہ ۾ تڪليف برداشت ڪري چڪو آهي، جيتوڻيڪ اِها پاڻ هڪ وڏي عبادت آهي، ان سان گڏوگڏ نفل روزو بہ رکيل اٿن. توهان ٿورو غور ڪريو! جنگ جي دوران جڏهن ڪين زخم رسيا هوندا، جڏهن

1... الاصابہ فی تمییز الصحابہ، جلد:4، صفحہ:183۔

اهي غير مسلمن سان وڙهندي وڙهندي آخرڪار زمين تي ڪري پيا هوندا، تہ ان وقت ڪين ڪيتري نہ اُڃَ لڳي هوندي؟ جسم ۾ ڪيتري نہ ڪمزوري محسوس تي هوندي پر صحابيءِ رسول آهن، الله پاڪ سان انتها درجي جي محبت ڪرڻ وارا آهن، اهڙي حالت ۾ بہ روزو نہ ٽوڙيائون پر افطار جو وقت تي ويو، تڏهن بہ افطار نہ ڪري سگهيا، ائين روزي جي حالت ۾ ئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر تي ويا.

آ بتاؤں کہ کیا، صحابہ ہیں — ہم ہیں جن پر فدا، صحابہ ہیں
گونجتی ہے جو کُل جہانوں میں — دین حق کی صدا، صحابہ ہیں
خود کو قربان کر دیا سب نے — آقا کے با وفا، صحابہ ہیں

## اسان ۽ اسان جا بهانا

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان وٽ هاڻي اهڙا محبتِ الهي جا جذبا گهٽ تي رهيا آهن. اسان وٽ ماڻهو رڳو بهانا ڳولي رهيا هوندا آهن، مثال طور ۞ ڪا اهڙي صورت پيدا تي وڃي جو مون کي روزي رکڻ کان اجازت ملي وڃي ۞ ڪجهہ اهڙو ٿئي جو مون کي تراويحون نہ پڙهڻيون پون ۞ منهنجي شگر (*Diabetes*) وڌيل آهي، چا مون کي روزن کان ڇوٽ ملي سگهي تي؟ ۞ مون کي ڪمزوري تمام گهڻي آهي، چا مان روزو ڇڏي سگهان تو؟ ۞ مون سان بلڊ پريشر (*Blood pressure*) جو مسئلو آهي ۞ ڪو چوندو آهي: محنت مزدوري ڪرڻي پوندي آهي، تنهنڪري روزو نہ تو رکي سگهان.

ٿورو سوچيو تہ سهي! رب ڪريم اسان کي اهڙو بي مثال، فضيلتن ۽ برڪتن وارو عظيم الشان مهينو عطا فرمايو آهي ۽ افسوس! اسان آهيون جيڪي اجايا بهانا (*Hollow excuses*) ناهي ان جي برڪتن کان محروم رهجي ويندا آهيون.

# مومن بهانا ناهي ٺاهيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! مومن جو اهو شان نہ آهي، مومن الله پاڪ جي قرب حاصل ڪرڻ جو شوقين هوندو آهي، ان راهہ ۾ ڪڏهن بہ بهاني بازي نہ ڪندو آهي. هڪ تمام خوبصورت روايت پڙهو! حضرت سعيد بن جبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، قيامت جو ڏينهن هوندو، الله پاڪ تمام اڳين ۽ پوين کي پنهنجي پاڪ بارگاهہ ۾ جمع فرمائيندو، پوءِ اهي ماڻهو جيڪي دنيا ۾ شرڪ ڪندا هئا، الله پاڪ کان سواءِ ڪوڙا معبود ناهي وينا هئا، انهن جي ڪوڙن خدائن کي جهنم ۾ اڇلايو ويندو ۽ انهن مشرڪن کي حڪم ٿيندو (چاڪاڻ تہ توهان پنهنجن انهن ڪوڙن خدائن سان محبت ڪندا هيؤ، قاعدو اهو آهي تہ جتي محبوب هجي، مُحِب کي بہ اتي ئي هجڻ گهرجي، تنهنڪري) توهان بہ پنهنجن ڪوڙن خدائن وٽ جهنم ۾ هليا وڃو!

اللّٰہُ اکبر! هي ڪُوڙيون، فاني ۽ مجازي محبتون آهن، اِهي تمام جلد ختم ٿي وينديون آهن، قرآن ڪريم ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن جڏهن مشرڪ عذاب ڏسندا تہ چوندا:

وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ ﴿۲۳﴾ (سيپارو:7، سورة انعام: 23)

ترجمو ڪنزالعرفان: اسان کي پنهنجي رب الله جو قسم تہ اسان هرگز مشرڪ نہ هئاسون.

يعني دنيا ۾ جن سان محبتون ڪندا هئا، جن جي لاءِ وڙهڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا، قيامت جي ڏينهن جڏهن پنهنجن انهن ڪُوڙن خدائن کي جهنم ۾ سڙندو ڏسندا تہ پنهنجين محبتن کان ئي انڪار ڪري ڇڏيندا.

خير! مان روايت پيش ڪري رهيو هئس: مشرڪ تہ انڪاري ٿي ويندا تہ اسان انهن ڪوڙن خدائن کي ننڍا سچاڻون ۽ نہ ئي انهن سان محبت رکون ٿا. هاڻي انهن ڪافرن کي ايمان وارن جي بي مثال ۽ باڪمال محبتن جو نظارو ڪرايو ويندو، حشر جي ميدان ۾ الله پاڪ اهلِ ايمان کي فرمائيندو: اِنْ كُنْتُمْ اَحِبَّائِیْ فَادْخُلُوْا جَهَنَّمَ اي ايمان وارو...!! جيڪڏهن توهان مون سان محبت

ڪيو ويندو ته جهنم ۾ داخل ٿي وڃو...!!

سُبْحٰنَ الله! روايت جا لفظ آهن ته بس اِهو حڪمِ اِلٰهي ٻڌڻ جي دير هوندي ۽ فَيَقْتَحِمُونَ فِيهَا ايمان وارا جهنم جي ڀڙڪندڙ باهه ۾ ٽپو ڏيندا. ان وقت عرشِ الٰهي جي هيٺان هڪ آواز گونجندو، پڪارڻ وارو پڪاريندو:

| وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ (سيپارو:2، سورة البقرة:165) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ايمان وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن |
|---|---|

هتي هڪ وضاحت ڪندو هلان ته، اُهي ايمان وارا، پنهنجين دلين ۾ الله جي محبت جا ڏيئا روشن ڪرڻ وارا، جهنم ۾ ٽپو ضرور ڏيندا پر جهنم جي باهه انهن کي ساڙي نه سگهندي بلڪ انهن تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي ويندي. پوءِ انهن کي جهنم مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته مومن بهاني باز نه هوندو آهي، مومن جو اِهو شان آهي ته قيامت جي ڏينهن، اکين اڳيان ڀڙڪندڙ، شعلا هڻندڙ جهنم ۾ ٽپو ڏيڻ جو حڪم ٿيندو ته اُن ۾ به بغير سوچڻ سمجهڻ جي ٽپو ڏئي ڇڏيندا. پاڻ ئي چوندا ته! جڏهن اسان اُتي بهانا نه ٺاهيا ته هتي بهانا ڇو ٺاهيندا آهيون. الله پاڪ اسان کي نصيب فرمائي. ڪاش! اسان کي الله پاڪ جي محبت جو فيضان نصيب ٿي وڃي.

## چئو: الله

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿۹۱﴾ (پارو:7، سورة انعام: 91) | ترجمو ڪنز العرفان: اوهان فرمايو: **الله**. پوءِ انهن کي انهن جي بيهودگي ۾ کيڏندي ڇڏي ڏيو. |
|---|---|

صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمه جو مطلب آهي: **الله بس، باقي هَوَس.** (*Only Allah, the rest is lust*) يعني جيڪا شيءِ الله پاڪ کان غافل ڪري،

اها لهو و لعب (راند رُوند) آهي، ان ڪان منهن موڙي صرف ۽ صرف الله پاڪ جا ٿي وڃو...!! (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ **رمضان مبارڪ** اچي رهيو آهي، ان جي لاءِ رڳو هيءَ هڪ تياري ڪري وٺو!

**هر اها شيءِ جيڪا الله پاڪ کان غافل ڪري، ان کي ڇڏي ڏيو! ۽ صرف ۽ صرف الله پاڪ جا ٿي وڃو!**

## سيني کان ڪَٽجي اُنَ جا ٿي وڃو!

سورة مُزّمّل ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاذْكُرِاسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۝ (سيپارو:29، سورة المزمل: 8) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سيني کان جدا ٿي فقط انهيءَ جو ٿي رَهُ. |

تَبَتَّلْ جو مطلب هوندو آهي: دِلْ اَزْ دُنيا بُرِيْدَنْ يعني دل مان دنيا کي ڪڍي ڦٽو ڪرڻ. (2) يعني فرمايو پيو وڃي ته دل مان دنيا کي ڪڍي ڦٽو ڪريو ۽ صرف ۽ صرف الله پاڪ جا ٿي وڃو!

## الله پاڪ جي طرف ڊوڙو

سيپارو: **27**، سورة ذَارِيات، آيت: **50** ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ (سيپارو:27، سورة الذاريات: 50) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ الله جي طرف ڊوڙو. |

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اوهان فرمايو ته اي انسانو! الله پاڪ جي طرف ڊوڙو...! حضرت سهل تُسْتَري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت ڪريمه جي شرح

1... تفسير نعيمى، پاره:7، سورة انعام، زير آيت:91، جلد:7، صفحه:631۔
2... تفسير روح البيان، پاره:29، سورة مُزَّمِّل، زير آيت:8، جلد:10، صفحه:213۔

ڪندي فرمائن ٿا: اي انسانو! مَاسِوَى الله (يعني الله پاڪ کان سواءِ دنيا جي هر شيءِ) کي ڇڏي الله پاڪ جي طرف ڊوڙو! (1)

بس **رمضان مبارڪ** تشريف ڪٺي آيو آهي، هي قرآني حڪم پنهنجي دل ۽ دماغ تي نقش ڪري ڇڏيو! هيءَ پڪي سوچ ناهي ڇڏيو تہ! ۞ مزدوريون ٿينديون آهن، ٿينديون رهنديون ۞ آرام ٿيندو آهي، ٿيندو رهندو ۞ دنيا جا ڪم ڌنڌا ٿيندا آهن، ٿيندا رهندا، مون کي ماهِ رمضان ۾ صرف ۽ صرف الله پاڪ جي طرف ڊوڙڻو آهي ۞ روزا ذوق ۽ شوق سان رکڻا آهن ۞ تراويحون ذوق ۽ شوق سان پڙهڻيون آهن ۞ تلاوت تي سَندرو ٻڌڻو آهي ۞ ذڪر ۽ درود ڌانهن ڌيان لڳائي رکڻو آهي. ٻيا سڀ ڪم بعد ۾ پر، هي هڪ مهينو ۞ منهنجو مقصد (*Purpose*) ۞ منهنجي سوچن جو محور ۞ منهنجي محنتن جو مرڪز صرف هڪ ئي هوندو: مون کي پنهنجي رب کي راضي ڪرڻو آهي.

## رحمتِ الٰهي ڊوڙندي ايندي آهي

**بخاري شريف** جي حديث پاڪ آهي، مان اِها حديث شريف شرح سميت پيش ڪري رهيو آهيان: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جو رب فرمائي ٿو: جڏهن ٻانهو مون ڏانهن هڪ گِرانٽ جيترو وڌندو آهي تہ منهنجي رحمت ان ڏانهن هڪ والَ جيتري وڌندي آهي، جيڪڏهن ٻانهو مون ڏانهن هڪ والَ جي برابر وڌندو آهي تہ منهنجي رحمت ان ڏانهن ٻن والَن جي برابر وڌندي آهي، جيڪڏهن ٻانهو مون ڏانهن هلندي ايندو آهي تہ منهنجي رحمت ان ڏانهن ڊوڙندي ايندي آهي. (2)

سُبْحٰنَ الله! رحمتِ الٰهي تان قربان وڃجي! **رمضان مبارڪ** جي مهيني ۾ تہ هُونئن بہ هر گهڙي رحمت وَسندي رهندي آهي، مٿان وري الله پاڪ جي

---

1... تفسير ر وح البيان، پاره:27، سورة ذّارِيات، زيرِ آيت:50، جلد:9، صفحه:171۔

2... لمعات التنقيح، ڪتاب الدعوات، فصل اول، جلد:5، صفحه:35، زيرِ حديث:2265۔

هن ڪرم نوازي تي ٿورو ڌيان ڏيو! فرمايو ويو: ٻانهو منهنجي طرف هڪ گِرانٺ جيترو وڌي ته رحمت ان جي طرف هڪ واٽ جيتري وڌندي آهي، يعني اسان کي اِهو سمجهايو پيو وڃي ته ٻانهو محنت گهٽ ڪندو آهي، پنهنجي ٿوري ڪوشش ڏيکاريندو آهي، الله پاڪ جي رحمت پاڻ اڳتي وڌي کيس پنهنجي دامن ۾ سميٽي ڇڏيندي آهي.

## الله پاڪ جي ٻانهي سان محبت

احياءُ العلوم ۾ آهي: الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي، فرمايو: اي داؤد! مون کان مُنهُن موڙڻ وارن کي جيڪڏهن اِهو معلوم ٿي وڃي ته مان ڪهڙي طرح انهن جو منتظر آهيان ۽ ڪيترو مٿن مهربان آهيان ۽ انهن جي گناهن کي درگذر ڪرڻ جو ڪيترو شوقين آهيان ته منهنجي شوق جي ڪري اهي مري وڃن ۽ منهنجي محبت ۾ سندن سَنڌَ ٽُٽِي پَوَن. اي داؤد! منهنجو اِهو ارادو انهن ماڻهن بابت آهي جيڪي مون کان منهن موڙي ويا آهن ته جيڪي ماڻهو منهنجي طرف متوجهه آهن انهن بابت منهنجو ارادو ڪهڙو هوندو؟ (1)

اللهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ته لڳايو! الله پاڪ اسان گنهگارن تي ڪيتري قدر مهربان آهي، اسان بس ٿورو قدم اڳتي وڌايون، رب ڪريم جي رحمت منتظر آهي ته ڪڏهن تو ٻانهو ان ڏانهن توجهه ڪري ۽ ڪڏهن تو ان کي رحمت جي دامن ۾ سميٽيو وڃي. ڪاش! اسان کي محبتِ الٰهي جو فيضان نصيب ٿي وڃي.

## ايمان جي لذت حاصل ڪرڻ جو طريقو

صحابيءِ رسول، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ثَلَاثٌ مَنۡ كُنَّ فِيهِ ٽي صفتون آهن، اُهي جنهن شخص ۾ هونديون وَجَدَ حَلَاوَةَ الْإِيمَانِ اهو شخص ايمان جي حلاوت (يعني

---

1... احياء العلوم، كتاب المحبة ...الخ، بيان معنى الشوق...الخ، جلد:4، صفحه:396۔

لذت) حاصل ڪري وٺندو: **(1):** ان کي هر شيء کان وڌيڪ اللہ پاڪ ۽ سندس رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان محبت هجي **(2):** جنهن سان بہ محبت ڪري، صرف اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪري **(3):** مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر ڪفر جي اونداهي ۾ ڪِرڻ کي اهڙي طرح ناپسند ڪري جيئن باهہ ۾ ڪِرڻ کي ناپسند ڪندو آهي.[1]

معلوم ٿيو تہ اللہ پاڪ ۽ ان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي **محبت** سيني ڪمالن جو بنياد آهي ۞ جنهن کي اللہ ۽ ان جي رسول جي **محبت** ملي وئي، ان جي دل پاڪ ٿي ويندي آهي ۞ جنهن کي اللہ ۽ رسول جي **محبت** ملي وئي، ان جو ايمان پختو ٿي ويندو آهي ۞ جنهن کي اللہ ۽ رسول جي **محبت** نصيب ٿي وئي، ان کي عبادت ۾ لذت نصيب ٿي ويندي آهي ۞ جنهن کي اللہ ۽ رسول جي **محبت** ملي وئي، ان کي آخرت جو فڪر ملي ويندو آهي ۽ ۞ جنهن کي اللہ ۽ رسول جي **محبت** ملي وئي، ان کي تاج تخت ۽ حڪومت جي لالچ نہ رهندي آهي ۞ جنهن کي اللہ ۽ رسول جي **محبت** ملي وئي، اهو صرف اللہ پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي رضا جو طلبگار ٿي ويندو آهي.

چشمِ تَر اور قلبِ مُضطَر دے | اپنی الفت کی مے پِلا یارَبّ![2]

## اللہ پاڪ سان محبت جو اظهار ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُللہ! ***We are Muslims*** اسان مسلمان آهيون، اللہ پاڪ جي فضل سان هر مسلمان جي دل ۾ اللہ پاڪ جي محبت هوندي آهي، **ماهِ رمضان ڪريم** اچي رهيو آهي، اللہ پاڪ سان پنهنجين محبتن جو خوب اظهار ڪريو!

---

1... بخاري، كِتَابُ الْاِيْمان، باب: حَلاوةُ الْاِيْمان، صفحه:74، حديث:16۔

2... وسائلِ بخشش، صفحه:79۔

۞ خوب نمازون پڙهو! ۞ تلاوت جي ڪثرت ڪريو! ۞ ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪريو! ۞ روزا تہ فرض آهن، رڪتا ئي رڪتا آهن، ضرور رکو! ۞ سحري ۽ افطاري جي وقت الله پاڪ جي حضور دعائون گُهرو! ۞ **رمضان مبارڪ** ۾ هُونئن بہ تهجد پڙهڻ آسان هوندو آهي، هن پيري راتيون بہ وڏيون آهن، تهجد لاءِ اٿڻ آسان ٿي ويندو، تنهنڪري تهجد جي پابندي ڪريو! ۞ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهو! ۞ اوابين جا نفل پڙهو! ۞ تراويحن جو پورو پورو اهتمام ڪريو! مطلب تہ نيڪين مٿان نيڪيون ڪندا رهو!

اِهو اسان جي طرفان الله پاڪ سان محبت جو اظهار هوندو ۽ سُبْحٰنَ الله! جڏهن ٻانهو الله پاڪ سان اهڙي طرح محبتن جو اظهار ڪندو آهي، جيڪڏهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان جو اِهو اظهارِ محبت قبول ٿي وڃي تہ ان جو انعام ڪهڙو ملندو آهي؟ سُبْحٰنَ الله! حديث پاڪ ٻڌو! الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: ٻانهو جن ذريعن سان منهنجو قرب حاصل ڪندو آهي، انهن ۾ منهنجو سيني ڪان پسنديده ذريعو فرائض (مثلاً نماز، روزو، حج، زڪوٰة وغيره) آهن ۽ منهنجو ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي، ڪندو رهندو آهي، ايسيتائين جو مان ان سان محبت ڪرڻ لڳندو آهيان، پوءِ جڏهن مان ان سان محبت ڪرڻ لڳندو آهيان تہ ۞ مان ان جا ڪَنَ ٿي ويندو آهيان، جن سان هُو ٻڌندو آهي ۞ مان ان جون اکيون ٿي ويندو آهيان، جن سان هُو ڏسندو آهي ۞ مان ان جا هٿ ٿي ويندو آهيان، جن سان هُو پڪڙيندو آهي ۞ مان ان جا پير ٻڄي ويندو آهيان، جن سان هُو هلندو آهي، جيڪڏهن هُو مون ڪان گهرندو آهي تہ مان ان کي ڏيندو آهيان، جيڪڏهن هُو منهنجي پناهہ گُهرندو آهي تہ مان کيس پناهہ ڏيندو آهيان.(1)

هن حديث پاڪ جي جيڪا تشريح علماءِ ڪرام فرمائي آهي، ان جي مطابق

1... بخارى،كتاب الرقاق،باب التواضع،صفحہ:1597، حديث:6502۔

مطلب هي آهي تہ جڏهن ٻانهو فرائض ۽ نوافل جي ذريعي الله پاڪ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندو آهي تہ ۞ ان جي نتيجي ۾ الله پاڪ ان جي خاص مدد فرمائيندو آهي ۞ ان جي مدد ڪئي ويندي آهي ۞ ان جي عضون کي گناهن کان محفوظ رکيو ويندو آهي ۞ اجان وڌيڪ نيڪيون ڪرڻ جي توفيق بخشي ويندي آهي ۞ اخلاص جي نعمت عطا ڪئي ويندي آهي ۽ ان جي برڪت سان سندس مقصد پورا ڪيا ويندا آهن. (1)

## مالڪ تمام گهڻو ڪريم آهي

حضرت وَهْب بن مُنَبّہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي تہ بني اسرائيل ۾ هڪ نيڪ شخص هو جيڪو تمام گهڻو عبادت گذار هو، ضرورت جيترو حلال رزق ڪمائيندو هو ۽ بقايا وقت عبادت ۾ گذاريندو هو. هڪ ڀيري ائين ٿيو جو ڪيس مسلسل ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪٿي بہ مزدوري نہ ملي، حالت فاقن تائين وڃي پهتي. هڪ ڏينهن هُو ڪم جي تلاش ۾ گهران نڪتو، جڏهن ڪيس ڪو ڪم نہ مليو تہ سوچيائين: چڱو ڀلا، الله پاڪ جي عبادت ڪريان ٿو تنهنڪري هُو درياهہ جي ڪناري تي پهتو، وضو ڪيائين ۽ سمورو ڏينهن عبادت ۾ گذاري ڇڏيائين. جڏهن شام ٿي تہ گهر واپس موٽيو، ڪمائي تہ ڪجهہ بہ نہ سگهيو هو، سندس هٿ خالي هئا. گهر وارن جڏهن ڪانئس مزدوري بابت پڇيو تہ چيائين: مان اڄ تمام گهڻي مهربان مالڪ وٽ مزدوري ڪري آيو آهيان، هو مون کي سني اجرت عطا فرمائيندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٻيهر ڪم جي ڳولا ۾ نڪتو، اڄ بہ ڪيس ڪو ڪم نہ مليو، درياهہ جي ڪناري تي پهتو ۽ اجوڪو ڏينهن بہ سمورو عبادت ۾ گذاريائين. شام جو وري خالي هٿين واپس موٽيو. ٻُڪن جي ماريل سندس زال جڏهن ڏٺو تہ جذبات ۾ پرجي وئي ۽ ڪيس چيائين تہ ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيون، ٻارن جي حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو ڏسي نہ ٿي سگهجي، توهان جو مالڪ آهي جو اجرت ئي نہ ٿو ڏئي ...!! ائين ڪيئن گذارو ٿيندو؟

1... فتح الباری لابن حجر، کتاب الرقاق، باب التواضع، جلد:11، صفحہ:418، زیرِ حدیث:6502 ملخصاً۔

هُن ويچاريءَ کي ڪهڙي خبر ته منهنجو مڙس ڪهڙي مالڪ وٽ مزدوري ڪري رهيو آهي. ان عبادت گذار نيڪ شخص زال جي ڳالهه ٻڌي ته پريشان ٿي ويو، سڄي رات ڏک ۾ پريشاني جي حالت ۾ پاسا وَرائيندي گذري وئي. ٽئين ڏينهن وري مزدوريءَ جي لاءِ نڪتو، اڄ به ڪيس ڪم نه مليو، وري به درياهه جي ڪناري تي پهتو، وضو ڪيائين ۽ عبادت ۾ مشغول ٿي ويو.

سڄو ڏينهن ته عبادت ۾، الله پاڪ جي ياد ۾ مگن رهي گذري ويو، جڏهن شام ٿي ۽ گهر وڃڻ جو وقت ٿيو ته ڪيس پريشاني گهيري وئي، هاڻي هي نيڪ شخص گهر ڏانهن هلندو پئي ويو، هٿَ اڄ به خالي هئا، سندس پير ڳورا ٿي رهيا هئا، ڪيس بار بار اِهو خيال سَتائي رهيو هو ته ٻارن کي ڇا چوندس؟ ڪهڙو دلاسو ڏيندس؟ اِهو سوچيندي سوچيندي پريشانيءَ جي عالم ۾ گهر ڏانهن هلي رهيو هو، جڏهن گهر جي ويجهو پهتو ته ڇا ٿو ڏسي ته گهر مان بهترين کاڌن جي خوشبو اچي رهي آهي، ائين پئي لڳو ڄڻ ته اندر خوشين جو ماحول آهي، هڪ لمحي لاءِ ڪيس لڳو ته شايد مان ڪنهن ٻئي جي گهر آيو آهيان، پوءِ جڏهن دروازو کڙڪايائين ته سندس زال کلندي مسڪرائيندي خوشي وچان دروازو کوليو ۽ ڪيس ڏسندي ئي چيائين: توهان جنهن مالڪ وٽ ڪم ڪَندا آهيو، اُهو واقعي وڏو ڪريم آهي، اڄ توهان جي وڃڻ کان پوءِ ان جو قاصد آيو هو، هن تمام گهڻي رقم ۽ کاڌي جون شيون ڏنيون ۽ چيائين: جڏهن توهان جو گهروارو اچي ته ڪيس سلام چئجو ۽ ٻڌائجو ته توهان جو مالڪ توهان جي عمل مان راضي آهي ۽ هي توهان جي محنت جو صِلو آهي. **(1)**

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي سچي ڳالهه آهي، جيڪو نيڪ رستو اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان جا سمورا بگڙيل ڪم سنواري ڇڏيندو آهي. اَلحمدُ لِلّٰہ! **رمضان مبارڪ** اچي رهيو آهي، هي هڪ مهينو اسان الله پاڪ جي نالي ڪري ڇڏيون، پڪو ذهن ٺاهي ڇڏيون ته اسان کي **رمضان مبارڪ** ۾ پنهنجي رب سان خوب محبتن جو اظهار ڪرڻو آهي.

---

1... عيون الحكايات، صفحہ:172۔

# اللّٰه پاڪ سان محبت جون نشانيون

حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا وليُّ الله ٿي گذريا آهن، اللّٰه پاڪ سان تمام گهڻي محبت رکندا هئا.

منقول آهي ته انهن کان ڪنهن پڇيو: ٻانهو اللّٰه پاڪ سان محبت ڪندو آهي، ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟ ۽ اللّٰه پاڪ ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي ته ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟

هاڻي اُهي نشانيون ٿورو غور سان ٻڌو! فرمايائون:

مَنْ يُحِبُّ اللهَ فَهُوَ مَشْغُوْلٌ بِعِبَادَتِهٖ سَاجِدًا وَرَاكِعًا

**ترجمو:** جيڪو اللّٰه پاڪ سان محبت رکندو آهي، اُهو ان جي عبادت ۾ رڪوع ۽ سجدن ۾ مشغول رهندو آهي.

فَاِنْ عَجَزَ عَنْ ذٰلِكَ، اِسْتَرْوَحَ اِلٰى ذِكْرِ اللِّسَانِ وَالثَّنَاءِ

**ترجمو:** پوءِ جيڪڏهن رڪوع ۽ سجدن کان عاجز ٿي وڃي ته زبان سان ذڪرُالله ڪري راحت حاصل ڪندو آهي.

وَاِنْ عَجَزَ، اِسْتَرْوَحَ اِلٰى ذِكْرِ الْقَلْبِ وَالتَّفْكِيْرِ

**ترجمو:** ۽ جيڪڏهن زبان سان ذڪرُالله ڪرڻ کان بہ عاجز ٿي وڃي ته پوءِ دل سان اللّٰه پاڪ جو ذڪر ڪرڻ (يعني ان جي نعمتن بابت) غور ۽ فڪر ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندو آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته جنهن کي اللّٰه پاڪ سان محبت ٿي ويندي آهي اهو بس ان جو ئي ٿي ويندو آهي ۽ هر غفلت کان پري ٿي ويندو آهي، اُهو ڪڏهن سجدا ڪندي نظر ايندو آهي، ڪڏهن نمازون پڙهندي نظر ايندو آهي، نمازون پڙهي پڙهي ٿڪجي پئي ٿڏهن بہ ائين نہ ٿيندو آهي ته غفلتن جو شڪار ٿي وڃي

1... شعب الايمان، باب محبة الله ، معانی المحبة، جلد:1، صفحه:369، رقم:414۔

بلڪ پوءِ ويهي ذڪر الله شروع ڪري ڏيندو آهي، ويهي ويهي ٿڪجي پئي تہ پوءِ ليٽي ليٽي، هلندي ڦرندي، دڪان تي ويهندي، ڪم ڪار ڪندي دل ئي دل ۾ الله پاڪ کي ياد ڪندو رهندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي تہ هُيون بانهي جون الله پاڪ سان محبت ڪرڻ جون علامتون. هاڻي اهو بانهو جنهن سان الله پاڪ محبت فرمائيندو آهي، ان جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟

## محبوبِ خدا جون نشانيون

حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

فَاَمَّا مَنۡ يُحِبُّهُ اللهُ اَعۡطَاهُ سَخَاوَةً كَسَخَاوَةِ السَّحَابِ، وَشَفَقَةً كَشَفَقَةِ الشَّمۡسِ، وَتَوَاضُعًا كَتَوَاضُعِ الۡاَرۡضِ

**ترجمو:** باقي رهيو اهو بانهو جنهن سان الله پاڪ محبت فرمائيندو آهي تہ الله پاڪ ان کي ڪَڪَر جهڙي سخاوت عطا فرمائيندو آهي، ڪيس سج جهڙي شفقت بخشيندو آهي ۽ زمين جهڙي عاجزي عطا فرمائيندو آهي. (1)

يعني جنهن شخص سان الله پاڪ محبت فرمائيندو آهي، ان جون **3** نشانيون آهن: **(1):** سخاوت اهڙي جهڙي ڪڪر ۾ آهي، ڪَڪَر جڏهن وسندو آهي تہ بس وسندو آهن، هر هڪ تي نوازش ٿيندي آهي، سموري زمين کي سيراب ڪري ڇڏيندو آهي، اهڙي ئي سخاوت ان شخص کي بہ عطا ڪئي ويندي آهي. **(2):** شفقت اهڙي جهڙي سج ۾ آهي جيئن سج زمين کان هڪ حد تائين فاصلي تي رهندو آهي تہ جيئن زمين وارا سَڙي نہ وڃن، روشني ورهائيندو آهي، جڏهن اڀرندو آهي تہ امير، غريب، بادشاهہ ۽ فقير، سيني کي ئي روشني ڏيندو آهي، ڪنهن کي محروم نہ رکندو آهي، ائين ئي الله پاڪ جنهن بانهي سان محبت فرمائيندو آهي، ان کي اهڙي شفقت عطا فرمائيندو آهي، ان جي شفقت مان سيئي

1... شعب الايمان، باب محبة الله ، معانی المحبة، جلد:1، صفحه:369، رقم:414۔

فيض حاصل ڪندا آهن **(3):** ٽين شيء جيڪا ٻانهي کي عطا ڪئي ويندي آهي، اُها آهي عاجزي. اهڙي عاجزي جهڙي زمين ۾ آهي، زمين پيرن هيٺان وڇايل آهي، امير، غريب، نيڪوڪار ۽ گنهگار سڀئي ان تي پير رکي هلندا آهن، زمين ڪنهن کي به ناهي چوندي ته تون ٿيندو ڪير آهين مون تي پير رکي هلڻ وارو. زمين ڪنهن سان آڪڙ نه ڪندي آهي. ائين ئي جنهن شخص سان الله پاڪ محبت فرمائيندو آهي، ان کي اهڙي ئي عاجزي عطا فرمائيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صرف چار ڳالهيون آهن، هن سال **رمضان مبارڪ** ۾ جيڪڏهن اسان رڳو اِهي **4** ڳالهيون ئي اختيار ڪري ونون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! **رمضان مبارڪ** تمام سنو بلڪ بي مثال گذرندو.

**(1):** عبادت ۾ خوب مشغوليت، يعني نمازون پڙهندي پڙهندي ٿڪجي پئون ته ذڪر شروع ڪري ڏيون، ذڪر ڪندي ڪندي ٿڪجي پئون ته قلبي ذڪر شروع ڪريون يعني دل ۾ الله پاڪ جي نعمتن، ان جي قدرتن، سندس حڪمتن ۽ شان جو ذڪر ڪريون، يعني اسان جو ڪو به لمحو عبادت کان سواءِ نه گذري رهيو هجي، هر گهڙي عبادت، عبادت، ۽ عبادت ئي هلندي رهي.

## عبادت جَمِي ڪريو!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاعْبُدْهُ وَ اصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖؕ (پارو:**16**، سورة مريم: **65**) | ترجمو ڪنز العرفان: سو انهيءَ جي عبادت ڪر ۽ ان جي بندگيءَ تي ثابت رَهُ. |

يعني عبادت جي راهه ۾ مشڪلاتون اينديون، مشقت ٿيندي پر تون ان تي ثابت قدم رهه، جَمِي ڪري، مستقل مزاجي سان عبادت ڪندو رهه![1]

اسان وٽ هي هڪ وڏو مسئلو آهي. اسان ماٺهو عبادت ڏانهن راغب ته ٿي ويندا آهيون پر ان تي استقامت (*Persistence*) اختيار نه ڪندا آهيون، جمي

1... تفسير ڪبير، پاره:16، سورهٔ مريم، زير آيت:65، جلد:7، صفحه:555 خلاصةً۔

ڪري عبادت نہ ڪندا آهيون. هاڻي جيئن تہ **رمضان مبارڪ** اچي رهيو آهي، **رمضان مبارڪ** جي اچڻ سان عبادت جي رغبت وڌي ويندي آهي، اسان تمام گهڻا نيڪ ارادا ڪندا آهيون پر آهستي آهستي ذوق گهٽجي ويندو آهي، **رمضان مبارڪ** جي پهرين ڏهاڪي ۾ مسجدن ۾ رونق هوندي آهي، تراويحن ۾ بہ چڱو ڀلو تعداد نظر ايندو آهي، تلاوت ڏانهن بہ ماڻهو مائل هوندا آهن، پر ٻئي عشري ۾ اِهو ذوق گهٽجي ويندو آهي، نمازين جي تعداد ۾ بہ گهٽتائي ٿي ويندي آهي، تراويحن ۾ بہ ٿورا ماڻهو وڃي بچندا آهن، اِها جيڪا گهٽتائي آهي اُها نہ ٿيڻ گهرجي، اِها سٺي ڳالهہ نہ آهي.

**(2):** ٻيو ڪم جيڪو **ماهِ رمضان** ۾ ڪرڻو آهي، اهو آهي: **سخاوت** (***Generosity***)۔ اهڙي سخاوت جهڙي ڪڪرن ۾ آهي ۞ غريبن ۾ راشن ورهايو ۞ يتيمن تي مهربانيون ڪريو ۞ جيڪڏهن الله پاڪ همت ۽ توفيق عطا فرمائي آهي تہ رمضان پيڪيج (***Ramadan package***) ناهي! غريبن تائين مفت پهچايو! ۞ جيڪڏهن توهان دڪاندار آهيو تہ رمضان آفر (***Ramadan offer***) لڳايو! ڪجهہ نہ ڪجهہ رعايت (***Discount***) ڏيو!

**(3):** ٽيون ڪم اهڙي شفقت جهڙي سج ۾ آهي، جيڪو سڀني تي شفيق آهي سڀني کي روشني ڏئي رهيو آهي.

**(4):** اهڙي عاجزي جهڙي زمين ۾ آهي، سڀني سان بس عاجزي وارو ۽ شفقت وارو رويو ئي اختيار ڪرڻو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰہِ رَفَعَہُ اللہ يعني جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي **4** ڳالهيون اختيار ڪري هن سال جو **رمضان مبارڪ** گذاريو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! مزو بہ ايندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ بخشش جو سامان بہ ٿي

ويندو. ائين ئي رمضان شريف جي اچڻ جي خوشي ۾ پنهنجن گهرن، محلن، دڪانن، فيڪٽرين، وغيره تي سجاوٽ ڪيو! پر ان ڪم جي لاءِ چندو نہ ڪيو وڃي بلڪ پنهنجن پيئسن سان انهن شين جو اهتمام ڪيو! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم.

## اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! **رمضان مبارڪ** اچڻ وارو آهي. **رمضان مبارڪ** تمام گهڻين برڪتن وارو مهينو آهي، ماهِ رحمٰن، ماهِ نزولِ قرآن ۽ ماهِ غفران آهي.

| | |
|---|---|
| عَجِّل عَجِّل يَا رمضان | جان مِری تجھ پر قربان |
| آ بھی جا ماہِ سُبحٰن | جلدی جلدی آ رمضان |
| جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آجاتی ہے جان |
| خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن |
| مجھ کو مدینے میں رمضان | کاش! میسر ہو رحمٰن |
| آجا آ بھی جا رمضان | تجھ پہ فِدا عطّاؔر کی جان |

الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان ڏسڻ، ان ۾ خوب روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ نصيب فرمائي- **رمضان شريف** جي هڪ اهم ترين عبادت اعتڪاف بہ آهي- نفلي اعتڪاف تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنتِ مؤڪده آهي، اهو **رمضان شريف** ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کان پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي جڏهن تہ آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف تہ اسان جي آقا و مولا، تاجدارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي تمام گهڻو محبوب هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جو تمام گهڻو اهتمام فرمائيندا هئا- ايستائين جو هڪ دفعي ڪنهن سبب جي ڪري **رمضان مبارڪ** ۾ اعتڪاف نہ ٿي

سگھيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو. [1]

## اعتڪاف جون فضيلتون

۞ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان روايت آهي: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو تہ ان جا اڳيان گناھ بخشيا ويندا. [2] ۞ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن **رمضان شريف** ۾ **10** ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو تہ اهو ائين آهي جيئن ان **2** حج ۽ **2** عمرا ڪيا. [3]

## اجتماعي سنت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للہ! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي آخري ڏهاڪي جو اجتماعي سنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، توهان بہ ڪوشش ڪريو! ان سان گڏوگڏ سڄي مهيني جو اعتڪاف بہ ٿيندو آهي. هن سال پوري پاڪستان ۾ **29** جاين تي جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ **130** جاين تي پوري مهيني جو اعتڪاف ٿي رهيو آهي. توهان بہ سڄي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو! بلڪ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪريو! چاڪاڻ تہ اُتي وقت جي ڪامل ولي شيخِ طريقت، امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي تہ ان جون برڪتون ئي الڳ هونديون- اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1⋯ بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحہ:533،حديث:2041۔
2⋯جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔
3⋯جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479۔

# دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف:
# فيضان آن لائن اڪيڊمي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: عالم بڻجو! طالب علم بڻجو! يا (گهٽ ۾ گهٽ) عالمن سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون! چوٿان نہ بڻجو، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ.(1)

اَلحمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي ۞ علم دين جو نور ورهائڻ ۞ معاشري کي سڌارڻ ۞ ماڻهن جي عقيدن ۽ عملن جي اصلاح ڪرڻ ۽ ۞ عشقِ رسول جا جام پيارڻ واري تنظيم آهي. هن پياري تنظيم جو اِهو مقصد آهي تہ هر مسلمان گهٽ ۾ گهٽ فرض علوم سکي وٺي، پر افسوس اسان وٽ اهڙو ذهن تمام گهٽ آهي، جن جو ذهن هوندو آهي انهن کي پنهنجي ڪم ڪارَ جي اوقات مان وقت ڪڍڻ ۾ مشڪلات پيش ايندي آهي جنهن ڪري هڪ تعداد آهي جيڪو علمِ دين کان محروم رهجي ويندو آهي.

اَلحمدُلله! دعوت اسلامي مسلمانن جي هن مشڪل کي آسان ڪرڻ ۽ هر فرد کي ان جي اوقات مطابق علم دين سکڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ جي لاءِ هڪ تمام پيارو شعبو **فيضان آن لائن اڪيڊمي** (*Faizan Online Academy*) قائم ڪيو آهي.

اَلحمدُلله! هي شعبو هر فرد کي ان جي اوقات مطابق ۞ اسلامي عقائد ڪورس ۞ طهارت ڪورس ۞مدني قاعدو ۽ ناظره ڪورس ۞ حفظِ قرآن ڪورس ۞ نماز ڪورس ۞ حفظِ حديث ڪورس ۞ آدابِ زندگي ڪورس ۞ عالم ڪورس ۽ ان کان علاوه ڪيترائي اهم ڪورسز (*Courses*)ڪرائي رهيو آهي.

هن وقت تائين **64 هزار** کان وڌيڪ شاگرد فيضان آن لائن اڪيڊمي مان

1… دارمی،مقدمہ، با ب فی ذہاب العلم، صفحہ:96، حديث:254 ـ

مختلف ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن جڏهن تہ **27 هزار** کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. توهان بہ دعوت اسلامي جي هن شعبي مان فائدو حاصل ڪريو، علم دين حاصل ڪريو! الله پاڪ اسان کي علمِ دين سکڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم.

## جنتي اعمال (Jannati Amaal) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوت اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ”جنتي اعمال (Jannati Amal).“ هي ايپليڪيشن خاص طور تي رمضان ڪريم ۾ ڪيل نيڪ عملن جي ڪارڪردگي تي ٻڌل آهي.

هن ايپليڪيشن ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ هڪجهڙا 12 جنتي اعمال درج ٿيل آهن ۞ توهان هن ايپليڪيشن جي ذريعي روزاني جي جنتي عملن جو جائزو وٺي سگهندؤ ۞ ياد ڏيارڻ جو هڪ آپشن پڻ موجود آهي، جنهن جي ذريعي مقرر وقت تي عملن جو جائزو وٺڻ جو نوٽيفيڪيشن ملي ويندو آهي ۞ توهان پنهنجي ڪارڪردگي پنهنجي ذميوار سان پڻ شيئر ڪري سگهندؤ ۞ هن جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ توهان جو ماهوار جائزو ايپليڪيشن جي ڊيليٽ ٿيڻ کان پوءِ بہ محفوظ رهندو ۞ پنهنجي سهولت مطابق فونٽ جي سائيز گهٽ يا وڌ ڪري سگهو ٿا ۞ هن ايپليڪيشن کي پاڻ بہ انسٽال ڪريو ۽ ٻين سان پڻ شيئر ڪريو.

**دُعاءِ عطار: يا الله پاڪ! جيڪو بہ رمضان ڪريم ۾ هنن ”جنتي اعمالن“ مان ڪجھ نہ ڪجھ تي عمل ڪري، ان جي دل نيڪين ۾ لڳي، هو دنيا ۽ آخرت جي پريشانين کان محفوظ رهي ۽ والدين سميت کيس جنت الفردوس ۾ بغير حساب ڪتاب جي داخلا نصيب ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

اَلحمدُلله! وفاقي وزارت تعليم ۽ پيشه وارانه تربيت کان منظور ٿيل دعوتِ اسلامي جو پنهنجو ديني تعليمي بورڊ **ڪنز المدارس بورڊ** (*Kanz-ul-Madaris Board*) جي نالي سان آهي. 1500 کان وڌيڪ **جامعات المدينه** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار 900 مدارس المدينه** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. جامعات ۽ مدارس المدينه (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلبا جو مجموعي تعداد تقريباً 5 لک 69 هزار آهي. فيضان اسلامڪ اسڪول، دارالمدينه (اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي) جو تعداد **299** آهي، جڏهن ته شاگردن ۽ شاگرديائڻين جو تعداد **54** هزارن کان وڌيڪ آهي. المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (literature) تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي، هيستائين **2108** ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي.

توهان به دين جي خدمت جي هن (عظيم) ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو. توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن به جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو، ته جيئن وڌندڙ اخراجات کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. ۞ هر چنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8:45** منٽن تي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا- سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **ماهِ رمضان ماهِ نيڪ اعمال** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو- هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو!

۞ چندو ڪرڻ هڪ اهڙو ڪم آهي جو اڪثر ديني ڪمن ۾ ان جي ضرورت پوندي آهي پر ان جا احتياط بہ تمام گهڻا آهن، چندو ڪرڻ وارن جي لاءِ انهن احتياطن کي سکڻ تمام ضروري آهي. ان جي متعلق امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آسان لفظن ۾ هڪ ڪتاب **چندي جي باري ۾ سوال جواب** تحرير فرمايو آهي. هي ڪتاب هر ان اسلامي ڀاءُ کي پڙهڻ گهرجي جيڪو چندو گڏ ڪندو آهي. توهان هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **70 روپين** ۾ خريد فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو! ۞ آمدِ رمضان جي خوشي ۾ مڪتبة المدينہ تان گهرن ۽ آفيسن کي سينگارڻ جي لاءِ جَهنڊِيون خريد ڪريو ۽ پينا فليڪس (*Pina Flax*) آرڊر تي ٺهرايو ۞ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ اميرِ

اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان عطا ڪيل ”جنتي اعمالن“ جو جائزو وٺڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ تان ”جنتي اعمال ڪارڊ“ صرف 10 روپين جي قيمت ۾ حاصل ڪريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت. شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زُلفُن ۽ مٿي جي وارَن جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي وارَ هجن تہ اهو انهن جو اڪرام ڪري.[2] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ۽ ڦَڻي ڏئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ زلفون ڪڏهن نصف (يعني اڌ) ڪَنَ مبارڪ تائين ۞ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي پاپڙين تائين ۞ ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندڙيون هيون تہ مبارڪ ڪُلهَن کي جهومي جهومي چمڻ لڳنديون هيون ۞ اسان کي گهرجي وقت بوقت ٽنهي سنتن تي عمل ڪريون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين، ڪڏهن پوري ڪن تائين تہ ڪڏهن ڪلهن تائين زلفون رکون ۞ ڪجھ ماڻهو ساڄي يا کابي پاسي سِينڌِ ڪڍندا آهن، اِهو سنت جي خلاف آهي ۞ سنت هي آهي تہ

1...تاريخِ دمشق، جلد:9، صفحه:343۔

2... ابو داؤد، كتاب الترجل، باب فى اصلاح الشعر، صفحه:653، حديث:4163 ۔

جيڪڏهن مٿي تي وار هجن تہ وچان سِينڌِ ڪيجي ۞ مرد کي اختيار آهي تہ مٿي جا وارَ ڪُوڙائي يا رڪرائي ۽ سِينڌِ ڪڍي ۞ حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سَرِ اقدس ۾ اڪثر تيل لڳائيندا هئا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ اڪثر ڦڻي ڏيندا هئا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو (يعني سَر بند شريف) ٻڌندا هئا ايسيتائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر ٿي ويندو هو. (1)

تیل کی بُوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا | صبحِ عارِض پہ لُٹاتے ہیں ستارے گیسو

**وضاحت:** اي رضا! سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زلفن مان جيڪي تيل جا قطرا ٽِمِي رهيا آهن، مون کي تہ اِهو منظر ايئن لڳي رهيو آهي جڻ تہ تارن سان پريل رات چهرهءِ مصطفيٰ تي، رُخِ وَالضُّحٰی تي تارا نڇاور ڪري رهي آهي.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهارِ شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو
عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول | آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

1... 550 سنتیں اور آداب ، صفحہ:41 تا43 ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455